# ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي فلمبندي

(مينائل انيس احمد ١٩٩٢ع جونيئر شهري جي باني ميمبرن ۾ شامل هيو ، هي مضمون خليج ٽائيمز ۾ ڇپيو هو.)

زمين جي وڏي ايراضيءَ تي پري پري تائين پکڙيل ساوڪ جي وچ ۾ ڪٿي ڪٿي غير آباد ٽڪرا هڪ خوبصورت فن پاري وانگر لڳن ٿا. هي منظر ڪراچيءَ جي ويجهو ڪيرٿر نيشنل پارڪ جو آهي، جيڪو قدرت جو هڪ شاهڪار آهي ۽ پنهنجي پوري دلفريبي سان برقرار آهي. انهيءَ فطرتي فن کي "پاڪستان جي نيشنل پارڪس" جي عنوان سان فلم ۾ قيد ڪيو ويو آهي.

نيشنل ڪائونسل فار ڪنزرويشن آف وائيلڊ لائيف جي تعاون سان پاڪستان ٽيلي ويزن ان خطي "ڪيرٿر پارڪ" تي ٧ عدد دستاويزي فلمون ٺاهي، حيرت ۾ وجهندڙ ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن فلمن ۾ اهڙا منظر قيد ڪيا ويا آهن، جيڪي هن کان اڳ نظرن کان اوجهل رهيا آهن. اهي دستاويزي فلمون ٺاهڻ جا بہ اهم مقصد هئا. پهريون تہ عوام کي ملڪ ۾ موجود قدرتي منظرن کان واقف ڪرڻ ۽ ٻيو عالمي سياحن جو ڌيان هن طرف ڇڪائڻ ڇو تہ هي فلمون دنيا جي ٦٠ ملڪن ۾ ڏيکاريون وينديون.

هن سلسلي جي هڪ فلم "ڪيرٿر نيشنل پارڪ" آصف انصاريءَ جي ٺاهيل آهي، جيڪا نہ صرف جاڳ ڏيندڙ آهي پر ان ۾ مڪمل طرح اهڙا منظر بہ فلمايا ويا آهن، جيڪي اڳ ۾



ڪڏهن بہ ڪئميرا جي اک ۾ نہ آيا آهن. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيم کي هيلي ڪاپٽر، اُٺن ۽ ڪيٽرن ئي ميلن تائين پيرين پنڌ سفر ڪرڻو پيو. برساتن ۽ تيز اس ۾ ٢٠٠٠ ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل نيشنل پارڪ جو چپو چپو گهمڻو پيو.

انٽرنيشنل يونين فار ڪنزرويشن (IUCN) جا ڏکيا شرط پورا ڪندڙ پاڪستان جي قدرتي ذخيرن مان هڪ ڪيرٿر نيشنل پارڪ بہ آهي. ان کان سواءِ هن قدرتي ورثي ۾ دنيا جو سڀ کان قديم قلعو بہ آهي. پاڪستان جو ٽيون سڀ کان وڏو بند (DAM)، تونگ، گورک جا مقبرا ۽ جبل جي هڪ وڏي چوٽي (٥٦٨٨ فٽ) بہ ان فهرست ۾ موجود آهي.

دنيا جو قديم ترين قلعو رني ڪوٽ ٢٨ ڪلو ميٽرن جي ايراضيءَ تي پکڙيل آهي، جيڪو پنهنجي پراڻي سڃاڻپ برقرار رکيو بيٺو آهي ۽ آرڪيٽيڪچر جو هڪ بهترين نمونو آهي. جڏهن تہ ڪيرٿر پهاڙي سلسلي ۾ بلوچستان جي سرحد کان ٢٥ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي تونگ جا مقبرا موجود آهن، جيڪي خوبصورتي ۽ هنرمندي ۾ مڪليءَ جي مقبرن جي برابر آهن. مقبرن جي پرسان ئي ملندڙ غار ان ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ ٥٠٠ ق- م ۾ بہ هتي رهڻ وارا لوڪ اعليٰ ذوق وارا هئا.

پاڪستان جو ٽيون وڏو بند "حب" پارڪ جي بلڪل ڏکڻ-اولهہ واري حصي ۾ ٥٠ ڪلوميٽرن تي ڦهليل آهي، جڏهن تہ ڊيم کان ٢٢ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي سنڌ وائيلڊ لائيف کاتي جا ريسٽ هائوس آهن.

ان ڳالهہ جون شاهديون مليون آهن تہ ٣٥ ملين سال اڳ ۾ ڪيرٿر نيشنل پارڪ (Tethys) ٽيٿز سمنڊ جو حصو هو ۽ سمنڊ جي پٽي هتڙ ڪ ۽ ڪرس جو




پهاڙي سلسلو هڪ جهنگل جي صورت ۾ ابري آيو.

انهن ثقافتي ۽ تاريخي حوالن کان سواءِ ان جي فلم بندي ۾ حقيقت جي بلڪل ويجهو منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، جنهن سان پارڪ جي اصلي خوبصورتي وڌيڪ چٽي طرح ظاهر ٿي آهي.

ٽيليويزن ٽيم کي پهاڙن تي چڙهڻ ۽ انهن کي عبور ڪرڻ ۾ ڪيترائي ميل پيرين پنڌ هلڻو پيو تہ جيئن ٢٦ قسمن جي کير ڏيندڙ جانورن (Mamals) جون تصويرون ڪڍي سگهجن، جيڪي پارڪ جي قدرتي سونهن کي وڌائي رهيا آهن. هن فلم جي خوبصورتيءَ جو سهرو پروڊيوسر آصف انصاريءَ جي سرِ آهي. ڇاڪاڻ تہ هن فري لانس صحافي جي حيثيت ۾ جيڪو ڪجهہ تجربو ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي آهي، اها سموري جو سموري ان ۾ ڪم آندي آهي. انصاري هن کان اڳ بہ اهڙيون فلمون ٺاهي چڪو آهي ۽ ساڳئي موضوع تي ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. تاريخ جي حوالي سان "قائداعظم پنهنجي خطن جي آئيني ۾" نالي دستاويزي فلم ان جو هڪ وڏو شاندار شاهڪار آهي.

(ڪيرٿر نيشنل پارڪ جي دستاويزي فلم جي اسڪرپٽ ۽ تفصيل/ بيان عظمت انصاري ڏنو آهي، جنهن صحيح لفظ اصلي لهجي ۾ ڏيئي فلم کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. عظمت انصاري بہ فري لانسر صحافي آهي ۽ ٽيليويزن تي دستاويزي فلمن متعلق هدائيندو آهي.)

صنعتي يونٽ ۽ رازي روڊ ۽ ڊاڪٽر محمود حسين روڊ تي غير قانوني اڏاوتن جي سلسلي ۾ انهن جي مدد ڪئي وجي.

شهري قانوني امداد سب ڪميٽيءَ جو ڌياءُ ايترو ته محسوس ڪيو ويو جو هن وقت خالد بن وليد روڊ تي ڪو به اڏاوتي ڪم نه ٿي رهيو آهي.

پي اي سي ايڇ ايس بلاڪ ٢ جي سي او بي مسٽر ايس ايم آر زيد الواسطي علائقي جي سروي ڪري ورتي آهي ۽ خلاف ورزي ڪندڙ بلڊرز جي خلاف فوجداري ڪارروائيءَ شروع ڪئي وئي آهي. ليگل سب ڪميٽي لاڳاپيل سي او بي سان باقاعدي هر هفتي ميٽنگ ڪري رهي آهي ۽ اهو عمل گذريل ٻن هفتن کان هلندڙ آهي.

قانوني امداد سب ڪميٽي لياقت آباد ۾ هڪ شاخ کولي رهي آهي. جنهن جو سربراهه جناب عبدالرئوف عيسيٰ هوندو.

## غير قانوني اڏاوتون ۽ قبضا:

٢٥ آڪٽوبر ١٩٩٥ع تي ڪمشنر ڪراچي ۽ شهري سي بي اي ريسورس جي ميمبرن مسٽر امبر علي ڀائي، مسز وڪٽوريا ڊي سوزا، مسٽر رولينڊ ڊي سوزا، مسٽر خطيب احمد جي وچ ۾ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ هيٺيان معاملا غور هيٺ آيا.

١- مجموعي طور تي گارڊن ايسٽ ۾ هڪ سؤ غير قانوني گهڻ ماڙ عمارتون تعمير ٿي چڪيون آهن، ۴۰ ٿهي رهيون آهن، ١٢ کي ڪم شروع ڪرڻ جي اجازت جو انتظار آهي، پر گذريل ٢٠ سالن ۾ ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ڪي- ايم- سي) جي طرفان هڪ به عمارت جي غيرقانوني اڏاوت کي نه روڪيو ويو.

٢- اسٽرڪچر جي بناوت جي لحاظ کان سمورين عمارتون خطرناڪ آهن، ڇو ته:

* اسٽرڪچر جي ڪابه منظوري نه ورتي وئي آهي.

## شهري قانوني امداد سب ڪميٽيءَ جو ڌياءُ ايترو ته محسوس ڪيو ويو جو هن وقت خالد بن وليد روڊ تي ڪو به اڏاوتي ڪم نه ٿي رهيو آهي.

* بلڊرز لائسنس وارا نه آهن.
* ڪوبه لائسنس رکندڙ آرڪيٽيڪچر انجنيئر اڏاوتن جي نگراني ڪونه ڪري رهيو آهي.
* ٺيڪيدارن ۾ نامناسب اڏاوتي طريقا اختيار ڪيا وڃن ٿا.
* ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ڪي ايم سي) جي طرفان عمارتن ڊاهڻ جي ڪري عمارتن جو بنيادي ڍانچو ڪمزور ٿي ويو آهي.
* عوام (پاڙيوارن، راهه گيرن ۽ رهائش رکندڙن) جي جان جي خطري جو ذميوار ڪير آهي؟
* هيٺين عدالتن جي اسٽي آرڊرز جي آڙ ۾ بلڊرن اڏاوتي ڪم جاري رکيو آهي ۽ هيٺين عدالتن ايس ڊي ايم (جمشيد روڊ) ايس ايڇ او (سولجر بازار) جي طرف کان ڪابه ڪارروائي نه ٿي ڪئي وڃي.

انهن حڪمن کي بهانو بڻائي سمورا سرڪاري عملدار بلڊرن جي ڏوهاري سرگرمين خلاف ڪابه ڪارروائي نه ڪري رهيا آهن.

* گارڊن ايسٽ ۾ هن وقت ۴۰ غير قانوني اڏاوتون هلندڙ آهن پر اي ڊي ايم اوڀر وٽ صرف ١٢ ڪيس داخل ڪيل آهن ۽ انهن ١٢ پروجيڪٽن تي پڻ ڪم ڪار بنان رنڊ روڪ جي هلندڙ آهي. ڇا لاڳاپيل آفيسر ايترا غير مؤثر آهن يا هيءَ "ڪُٺي ٻليءَ واري راند" آهي؟

انهن غير قانوني عمارتن کي بجلي، گئس ڪنيڪشن، پاڻي، سيوريج جا ڪنيڪشن ۽ رجسٽرار کان سب ليز ڪيئن ٿا ملي وڃن؟ گڏجاڻيءَ ۾ انهن سمورن نڪتن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

## ۴- پارڪس ۽ تفريح سب ڪميٽي:

## خطيب احمد

شهري سي بي اي گذريل چئماسي ۾ ان کان پوءِ تقريباً ڇهه هزار ٻوٽا لڳايا. وڻن پوکڻ جون سرگرميون مئي ١٩٩٥ع کان هلندڙ آهن ۽ اڃا به هلندڙ آهن. هنن سرگرمين ۾ اسڪول آف نرسنگ، ڪراچي ايڊونٽسٽ هاسپيٽل، ڪراچي يونيورسٽي ۽ شاپ ڪيپرز ايسوسي ايشن شامل آهن.

## ٥- گداڻ ختم ڪرڻ واري ڪميٽي:

## خطيب احمد

پي اي سي ايڇ ايس ۾ مافيا ۽ اين ڪي سي ايڇ سوسائٽي جي علائقن ۾ يونيسيف ۽ فريڊرڪ نومان فائونڊيشن جي تعاون سان صنعتي فوگ کي ٺڪاڻي لڳائڻ جو پروگرام شروع ڪيو ويو. ڪي ايم سي جي مشاورتي ڪائونسل جي ميمبر پروگرام کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هي پروگرام اپريل ١٩٩٥ع ۾ مڪمل ڪيو ويو. فالو اپ مانيٽرنگ ۽ باقاعده چيڪ اپ ڪيو پيو وڃي. نتيجا مطمئن ڪندڙ نه هئا، ڇاڪاڻ ته ڪميونٽي انهيءَ پروجيڪٽ ۾ شامل نه ٿي، تنهن ڪري ڪميٽيءَ کي ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## ٦- فنڊ جمع ڪندڙ سب ڪميٽي:

## عمران رضا شيخ/ حسن مرچنٽ

هن سب ڪميٽيءَ جو سڀ کان وڏو ڪم شهري سي بي اي جي لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ آهي. جنهن لاءِ ڪوڙ ساريون اسڪيمون تجويز ڪيون ويون آهن. شهري سي بي اي اهڙيون ٽي شرٽس وڪڻڻ جو ارادو رکي ٿي، جنهن تي "شهري" جو لوگو ٺهيل هوندو. هي شرٽس ميمبرن ۽ ٻين ماڻهن کي ۴۰ روپيه في شرٽ جي حساب سان وڪيون وينديون.

## ٧- جنرل ورڪس سب ڪميٽي:

الف- جونيئر شهري سي بي اي

شهري سي بي اي جي هڪ ميمبر مسٽر فرحان انور، جونيئر شهري پراجيڪٽ شروع

